# جانورن تي ظلم حرام آهي

**16 August-2018**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# جانورن تي ظلم حرام آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي:

اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً يعني قِيامَت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهندو هوندو- (ترمذي،ڪتاب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاة...الخ،٢/ ٢٧، حديث:٤٨٤)

مشهور مفسر قرآن، مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِ هن حديثِ پاڪ جي تَحت اِرشَاد فرمائن ٿا: قِيامَت ۾ سڀ کان آرام ۾ اهو هوندو، جيڪو حُضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان گڏ رهي ۽ حُضُور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي همراهي نصيب ٿيڻ جو ذريعو دُرُود شريف جي ڪثرت آهي- هن مان مَعلُوم ٿيو تہ دُرُود شريف بهترين نيڪي آهي جو تمام نيڪين سان جَنّت ملندي آهي ۽ ان سان بزمِ جَنّت جو سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (ملي ٿو)- (مرآة المناجيح،٢/١٠٠) ان ڪري تہ امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِ فرمائن ٿا-

حشر میں کیا کیا مزے وارفتگی کے لوں رَضا لوٹ جاؤں پا کے وہ دامانِ عالی ہاتھ میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مختصر وضاحت :

اي رضا! ميدانِ حشر ۾ الله ۽ ان جو پيارو حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن پنهنجن عاشقن ۽ ديوانن تي فَضل ۽ ڪَرَم فرمائي رهيا هوندا تہ ان عالَم ۾ منهنجي بي خودي جو عالَم ڪهڙو هوندو؟ بس مان تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو دامَن پڪڙي وٺندس-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ ٱلْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو تي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُواالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قرباني جي اهميت ۽ فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو بيحد فضل ۽ ڪرم آهي جو ان اسان کي طرح طرح جي نعمتن سان نوازيو، انهن بيشمار نعمتن مان هڪ نعمت جانور (Animal) بہ آهن، جيئن تہ انسان حلال جانورن جي گوشت، کير ۽ وارن وغيره مان ڪوڙ فائدا حاصل ڪندو آهي، انهن تي پنهنجي ضرورت جو سامان ڍوئي هڪ هنڌان ٻي هنڌ ڪٿي ويندو آهي، انهن جي ذريعي سفر بہ طئي ڪندو آهي ۽ بطورِ ڪاروبار انهن کي وڪڻي پنهنجي لاءِ حلال رزق ڪمائڻ جو ذريعو بہ ڪندو آهي- مطلب تہ انهن جانورن مان اسان کي تمام گهڻيون نعمتون ملنديون آهن، جن جي شڪراني ۾ شريعت سال ۾ صرف هڪ ڀيرو اسان کان اهو مطالبو ڪيو آهي تہ استطاعت هئڻ جي صورت ۾ انهن حلال جانورن کي الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ سنتِ ابراهيمي تي عمل ڪرڻ جي لاءِ قربان ڪيو وڃي- تنهنڪري قرباني واجب هئڻ جي صورت ۾ خُوش دِلي سان هن حڪمِ شريعت تي عمل ڪندي قرباني ڪرڻ گهرجي ڇوتہ هن ۾ اسان لاءِ وڏو اجر ۽ ثواب آهي، جيئن تہ

حضرتِ سَيِدُنا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رووٴف رحيم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اي فاطمہ! اُٿ ۽ پنهنجي قرباني جو جانور ڪٺي اچ ڇوتہ ان جي رت جو پهريون قُڙو ڪرندي ئي تنهنجا سمورا گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ قيامت جي ڏينهن ان جو رت ۽ ان جو گوشت ستّر ڀيرا وڌيڪ اضافي سان تنهنجي ميزان ۾ رکيو ويندو- حضرتِ سَيِدُنا ابوسَعِيد رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ عرض ڪيائون: يارَسُولَ الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ڇا اها بشارت صرف آلِ محمد سان خاص آهي ڇوتہ اهي هر خير سان خاص ڪرڻ جا اهل آهن، يا اَها بشارت آلِ محمد جي لاءِ خاص آهي ۽ تمام مسلمانن جي لاءِ عام آهي؟ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: آلِ محمد جي لاءِ خاص ۽ ٻين مسلمانن جي لاءِ عام آهي-

(السنن الکبرٰي للبيهقي،کتاب الضحايا،باب مايستحب للمرء۔۔۔۔۔الخ، ۴۲٦/۹ ، حديث:۱۹۱٦۱)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ قرباني ڪرڻ واري جي لاءِ ڪيترو اجرو ثواب آهي جو جانور جي رت جو قڙو زمين تي ڪرڻ کان پهريان ئي قرباني ڪرڻ واري جي بخشش ٿي ويندي آهي ۽ بروزِ قيامت جانور جي رت ۽ گوشت کي ستر گُنا اضافي سان ميزانِ عمل ۾ رکيو ويندو- تنهنڪري

جنهن مسلمان تي قرباني واجب ٿئي ته ان جي ادائيگي ۾ سستي کان ڪم ونڻ بدران خُوش دلي ۽ رضاءِ الٰهي جي لاءِ قرباني ڪرڻ گهرجي- ياد رهي! قرباني ڪرڻ حضرتِ سَيدُنا ابراهيم خَلِيلُ الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي مُبارڪ سُنت آهي جيڪا هن امت جي لاءِ باقي رکي وئي- (بهارِ شريعت، ٣/٣٢٧)

## قرباني جي تعريف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مخصوص جانور کي مخصوص ڏينهن ۾ ثواب جي نيت سان ذبح ڪرڻ کي قرباني چئبو آهي- (بهارِشريعت، ٣/٣٢٧) جيئن ته ان قرباني جي فريضي سان حضرت سَيدنا اسماعيل ۽ حضرت سَيدنا ابراهيم عَلَیهِمَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي اطاعتِ خداوندي جي ياد تازه ٿيندي آهي، حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام حڪمِ خداوندي جي پيروي ڪندي پٽ جي قرباني جي لاءِ تيار ٿيا ۽ حضرت اسمعيل عَلَيه السَّلَام به حڪمِ الٰهي تي عمل جو مظاهرو ڪندي قربان ٿيڻ جي لاءِ راضي ٿي ويا- جيڪي ماڻهو هن سنتِ ابراهيمي تي عمل ڪندي پنهنجي استطاعت مطابق قرباني ڪندا آهن، اهي بارگاهِ الٰهي مان وڏي اجر ۽ ثواب جا حقدار ٿيندا آهن- اچو! قرباني جي فضيلتن تي مشتمل 3 فرمانِ مصطفيٰ ٻڌون ٿا، جيئن

## قرباني جون فضيلتون:

- ارشاد فرمايائون: قرباني ڪرڻ واري کي قرباني جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي ملندي آهي. (ترمذي، ڪتاب الاضاحي ،باب ماجاء في فضل الاضحية، ٣/١٦٢حديث ١٤٩٨)
- ارشاد فرمايائون: جنهن خوش دلي سان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڪئي ته اها جهنّم جي باهه کان حِجاب (يعني روڪ) ٿي ويندي. (مُعْجَم ڪبِير، ٣/٨٤، حديث: ٢٧٣٦)
- ارشاد فرمايائون: انسان عيدالاَضحيٰ جي ڏينهن ڪا اهڙي نيڪي ناهي ڪندو جيڪا الله پاڪ کي رت وهائڻ کان وڌيڪ پياري هجي، اها قرباني قِيامت ۾ پنهنجي سگن، وارن ۽ کُرن سان ايندي ۽ قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ الله وٽ قبول ٿي ويندي آهي- تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪريو. (ترمذي ج٣ص١٦٢حديث ١٤٩٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻهو قرباني جي اِستطاعت (يعني طاقت) رکڻ جي باوجود پنهنجي واجب قرباني ادا نٿا ڪن، اُنهن جي لاءِ فڪر جو

مقام آهي، اوّل اهو ئي خسارو (يعني نقصان) چا ڳهڻ آهي ته قرباني نه ڪرڻ سان ايڏي وڏي ثواب کان محروم ٿي ويا، وڌيڪ هي ته اهي گنهگار به ٿيا، فتاويٰ امجديه جلد 3 صفحي 315 تي آهي: ”جيڪڏهن ڪنهن تي قرباني واجب آهي ۽ ان وقت ان وٽ پيسا نه آهن ته قرض وٺي يا ڪا شيء وڪڻي به قرباني ڪري.“

الله ڪريم اسان کي قرباني جهڙي عظيم فريضي جي ادائيگي ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي ۽ سڄي زندگي ربّ ڪريم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ گذارڻ جي سعادت نصيب فرمائي- اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جانورن جي پيدائش جو مقصد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم پنهنجي سموري مخلوق کي ڪنهن نه ڪنهن مقصد (Purpose) جي لاءِ پيدا ڪيو آهي، اهڙي طرح حيوانات جي پيدائش جو به مقصد آهي- انهن جانورن کان اسان کي گوشت ۽ کير حاصل ٿيندو آهي ۽ کير مان ڏهي، مکڻ، گيهه وغيره فائديمند شيون حاصل ٿينديون آهن، انهن جي کل مان گرم لباس ۽ جوتا ٺاهيا ويندا آهن، ان جي علاوه انهن جي خريد و فروخت مان ڪاروبار به ڪيو ويندو آهي ۽ انهن جانورن جي مدد سان اسان پنهنجو سامان هڪ هنڌان ٻي هنڌ ڪٺي وڃي سگهون ٿا ۽ اهي ئي جانور اسان جي سواري جي ڪم به ايندا آهن، الغرض جانورن جي پيدائش ۾ ڪوڙ حڪمتون آهن- جيئن الله پاڪ حيوانات جي پيدائش جو مقصد بيان ڪندي سيپاري 14 سُورَۃُ النَّحل جي آيت نمبر 8 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَّ الْخَیْلَ وَ الْبِغَالَ وَ الْحَمِیْرَ لِتَرْكَبُوْهَا وَ زِیْنَةً ؕ وَ یَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ۝۸
(پ۱۴، النحل، آیت:۸)

ترجموڪنزالايمان: ۽ گهوڙا ۽ خچر ۽ گڏهه توهان جي سواري ۽ زينت جي واسطي ۽ اهو پيدا فرمائيندو جنهن جي توهان کي خبر نه آهي-

تفسير صراطُ الجنان جلد 5 صفحي 284 تي آهي: الله پاڪ گهوڙا، خچر ۽ گڏهه به توهان جي نفعي جي لاءِ پيدا ڪيا آهن ته جيئن توهان انهن تي سواري

ڪريو ۽ انهن ۾ توهان جي لاءِ سواري ۾ ٻيا جيڪي فائدا آهن ان سان گڏوگڏ اهي توهان جي لاءِ زينت آهن- عالم سڳورا ڪَثَّرَ هُمُ الله تَعَالٰي فرمائن ٿا: اسان کي اُٺ، ڳئون، ٻڪري، گهوڙي ۽ خچر وغيره جانورن جو مالڪ بڻائڻ، انهن کي اسان جي لاءِ نرم ڪرڻ، انهن جانورن کي تابع ڪرڻ ۾ انهن مان نفعو وٺڻ اسان جي لاءِ مباح ڪرڻ الله پاڪ جي اسان تي رحمت آهي-

(قرطبي،النحل،الجزء العاشر، تحت الآية:٥،٨/٥٥)(صراط الجنان،٥/٢٨٣)

لهٰذا اسان کي انهن بي زبان جانورن کي انهيءَ مقصدن جي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي جن جي لاءِ انهن کي پيدا ڪيو ويو آهي ۽ گڏوگڏ انهن جي چاري پاڻي وغيره جو بہ خاص خيال رکڻ گهرجي ڇوتہ انسان جيڪڏهن بکايل اڃايل هجي تہ پنهنجي زبان سان ڪاڏو پاڻي گهري سگهي ٿو پر اهي بي زبان (Speechless) پنهنجي بک اڃ جي شڪايت ڪنهن سان نٿا ڪري سگهن ان ڪري ڪڏهن بہ انهن جي چاري پاڻي جي ڪمي نہ ٿيڻ گهرجي- اهڙي طرح انهن تي سوار ٿيڻ يا سامان کڻڻ وقت بہ انهن جي طاقت جي مطابق ئي وزن وڌو وڃي جنهن کي اهي آساني سان کڻي سگهن، ائين نہ ٿئي جو وزن جي ڪري ويچاري جانور کي هلڻ ۾ شديد دشواري ٿئي ۽ اسان مطمئن رهون تہ وزن کڻي هلي تہ رهيو آهي آرام ڏيڻ جي لاءِ ڪنهن مُناسب هنڌ تي روڪي ونداسي- ڪجهہ دير بعد اسان پنهنجي سوچ جي مطابق جانور کي آرام پهچائڻ جي لاءِ روڪي تہ ڇڏيندا آهيون پر ان تي سٽيل سامان تہ ساڳيو رکيل آهي جنهن جي ڪري ويچاري جانور کي ويهڻ ۾ شديد تڪليف ٿيندي هوندي- ياد رکو! جانورن تي ظلم ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃن وارو ڪم آهي- احاديثِ ڪريمہ ۾ انهن تي بلا ضرورت سوار ٿيڻ کان منع ڪيو ويو آهي، جيئن

## جانورن کي ڪرسي نہ بڻايو

ارشادفرمايائون: انهن جانورن تي چڱي طرح سواري ڪريو ۽ (جڏهن ضرورت نہ هجي تہ) انهن تان لهي وڃو، راهن ۽ بازارن ۾ گفتگو ڪرڻ جي لاءِ انهن کي ڪرسي نہ بڻايو ڇوتہ ڪيئي سواري جا جانور پنهنجي سوار کان بهتر ۽ ان کان وڌيڪ الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ وارا هوندا آهن-

(جامع الاحاديث،١/٤٠٣، حديث:٢٤٦٥)

## ڳئون شڪايت ڪئي

ارشاد فرمايائون: هڪ شخص ڳئون تي سوار تي ان کي هڪليندو وڃي رهيو هو- ان ڳئون کي ماريو ته اها ڳالهائڻ لڳي: اسان کي سواري جي لاءِ نه بلڪ ٻني ٻاري جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي- (بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء،٢/ ٤٦٦ حديث : ٣٤٧١)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديث سڳورين مان معلوم ٿيو ته جانورن کي جنهن مقصد جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي انهن کي انهيءَ ڪم جي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي- الله پاڪ اسان جي دلين کي نرم فرمائي، بي زبانن تي ظلم وستم ڪرڻ کان محفوظ فرمائي ۽ جن مقصدن جي لاءِ انهن جانورن کي اسان جي لاءِ خلقيو ويو آهي انهي ڪمن ۾ انهن جو استعمال ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي- نه ته ياد رکو! جيڪڏهن انهن تي ظلم ڪرڻ جي ڪري آخرت ۾ ان جو بدلو به ڏيڻو پوندو، جيئن

## گڏه جي نصيحت

حضرت سَيِدُنا ابو سليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان گڏه تي سوار هئس، مون ان کي ٻه ٽي دفعا ڏک هنيا ته ان پنهنجو مٿو ڪڍي مون ڏانهن نهاري چيائين: اي ابوسليمان! قيامت جي ڏينهن هن مار جو بدلو ورتو ويندو، هاڻي تنهنجي مرضي آهي ته گهٽ ماريو يا وڌيڪ - ته مون چيو: هاڻي مان ڪنهن کي به نه ماريندس- (الزواجر عن اقتراف الکبائر،٢/١٧٣)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اُٹھیں
بچانا ظُلم و ستَم سے مجھے سَدا یاربّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرباني جي موقع تي جانور ذبح ڪرڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي- پر ياد رکو! قرباني کان پهريان يا ذبح ڪرڻ مهل جانور تي ڪو ظلم وستم نه ڪيو وڃي چاڪاڻ ته اسان کي انهن جانورن جي عزت ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، ايستائين جو انهن کي سواري جي لاءِ استعمال ڪرڻ يا انهن تي سامان وغيره رکڻ به منع آهي جيئن ته بهار شريعت جلد 3 صفحي 347 تي آهي ته قرباني جي جانور تي سوار ٿيڻ يا ان تي ڪا شيءِ ڪڻڻ ان کي اُجرت تي ڏيڻ مطلب ته ان مان منافعو (Benefits) حاصل ڪرڻ منع آهي- ته جڏهن سوار ٿيڻ، سامان ڪڻڻ جي منع آهي ته پوءِ ان تي ظلم ڪرڻ ڪيترو

وڏو گناهه هوندو- اڄ اسان جي معاشري ۾ قرباني جي جانور تي گهڻو ظلم ڪيو ويندو آهي، اچو! هن باري ۾ سپٽمبر 2017 جي ماهنامہ فيضانِ مدينہ مان ڪجهه مدني گل ٻڌون ٿا:

## قرباني جي جانورن تي ٿيڻ واري ظلم جو مثالون:

مويشي منڊين ۾ آندل بي زبان جانورن تي ظلم جون مثالون:

(1) پري وارن علائقن مان آيل جانورن کي سفر دوران مناسب خوراڪ ناهي ڏني ويندي- (2) ننڍي گاڏي ۾ وڏو جانور، يا گهٽ جاءِ ۾ ڪيئي ڪيئي جانور ائين سوار ڪيا ويندا آهن جو اهي ٿڪجڻ جي صورت ۾ ويهي بہ نہ سگهندا آهن- (3) ڪافي ماٺهو جانور کي سوار ڪرڻ مهل گاڏي ۾ ريت يا پوء وغيره نٿا وجهن جنهن سبب ڪڏهن تہ جانور پنهنجي ئي لڏ ۽ پيشاب سان ترڪي ڪري پوندا آهن جنهن سبب ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن جي ٽنگ ٽٽي پوندي آهي يا اهي زخمي ٿي پوندا آهن- (4) مَنڊي ۾ پهچڻ وارن جانورن کي گاڏي مان لاهڻ يا يا چاڙهڻ جي لاءِ مناسب جڳهه جو انتظام ناهي هوندو تہ پنهنجي آساني جي لاءِ گاڏي مان ٽپو ڏياريو ويندو آهي جنهن سان ڪئي ڀيرا جانور زخمي بہ ٿي ويندا آهن ۽ قرباني لائق ناهن رهندا- (5) منڊي ۾ خرچو بچائڻ جي لاءِ بہ بي زبان جانورن کي بکايل رکيو ويندو آهي، هڪ ڀيري ڪنهن اٿ خريد ڪيائين تہ وڪڻڻ واري ان جي ڪن ۾ چيائين تہ هي ڪافي ڏينهن کان بکايل آهي ان کي چارو ڪارائجو- (6) منڊي ويندڙن ۾ تماشو ڏسڻ وارن جو بہ هڪ تعداد هوندو آهي جيڪي بلاوجہ جانورن جا ڏند ڏسڻ جي تقاضا ڪندا (جنهن تي جانور جو مالڪ ان جي منهن کي وڏي بي دردي سان کوليندو آهي ۽ وڪڻڻ کان پهريان جانور غالباً ڪيئي ڀيرا هن تڪليف مان گذرندو آهي)، ويتل جانور کي ٽڏو يا لٺ هڻي بيهاريندا آهن، هرويرو رش لڳائي شور ڪري جانور کي خوفزده ڪندا آهن- (7) جڏهن جانور منڊي مان خريدي گهر آندو ويندو آهي تہ لاهڻ مهل بار ۽ وڏا گوڙشور ڪري جانور کي پريشان ڪندا ۽ ان جي ٽپا ڏيڻ سان خوش ٿيندا آهن- جنهن سان بعض اوقات تہ جانور ڊڄي ڀڄي ويندو آهي، ڪنهن کي زخمي ڪندو آهي يا کڏ وغيره ۾ ڪري پنهنجي ٽنگ ٽوڙائي ويهندو آهي- (8) جانور کي گهمائڻ جي نالي تي بار ۽ وڏا هرويرو ان جو ڪن چڪيندا، پڇ گهمائيندا، شور ڪندا آهن جنهن سان جانور ٿڪندا ۽ ڊڄندا آهن- جانورن تي ظلم ڪرڻ وارا سنيلجي وڃن ڇوتہ بروزِ قيامت ان جو حساب ڪيئن ڏئي سگهندا؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شريعت اسان کي نفعو حاصل ڪرڻ جي لاءِ توڙي جو جانورن کي ذَبح ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي پر ان ۾ به هر ان ڪم کان منع ڪيو ويو آهي جيڪي بلاوجه جانور جي لاءِ تڪليف جو سبب ٿين يا ان جي تڪليف ۾ اضافو ڪن-

## قرباني جي جانورن تي رحم ڪرڻ

.1 ارشاد فرمايائون: اللّٰه پاڪ هر شيءِ سان نيڪي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، تنهنڪري جڏهن توهان (قرباني جو جانور) ذبح ڪريو ته تمام سٺي طريقي سان ذبح ڪريو ۽ توهان پنهنجي ڇري کي چڱي طرح تيز ڪري وٺندا ڪيو ۽ ذبيحي کي آرام ڏيندا ڪيو.

(مُسلِم، ڪتاب الصيد والذبائح ،باب الامر باحسان الذبح والقتل۔۔الخ ،۸۲۳،حديث:۵۰۵۵)

.2 هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مون کي ٻڪري ذبح ڪندي رحم ايندو آهي، فرمايائون: جيڪڏهن توهان ان تي رحم ڪندو اللّٰه پاڪ به توهان تي رحم فرمائيندو.

(مُسندِ احمد،مسند المكيين،حديث معاوية بن فرة ، ۳۰۴/۵،حديث:۱۵۵۹۲)

فَضل کر رَحم کر تُو عَطا کر — اور مُعاف اے خُدا ہر خَطا کر
واسِطہ پنجتن پاک کا ہے — یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

## جانورن تي رحم جي اپيل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته ذَبح مهل رضاءِ الٰهي جي نيت سان جانور تي رَحم ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي پر اسان جي معاشري ۾ وقتِ ذبح به وڏو ظلم ڪيو ويندو آهي- اهڙن ماڻهن کي ظلم کان روڪڻ ۽ ان جي اصلاح ڪرڻ جي لاءِ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”ابلق گهوڙي سوار“ جي صفحي15 تي ڪجهه مدني گل بيان فرمايا آهن: **ڳئون** وغيره کي ڪيرائڻ کان اڳ ۾ ئي قبلي جي طرف جو تَعَيُّن ڪري ڇڏجي، ليٽائڻ کان پوءِ بالخصوص پٿريلي زمين تي گهلي ڪري قبلي رخ ڪرڻ بي زبان جانور جي لاءِ تڪليف جو سبب آهي، ذبح ڪرڻ ۾ ايترو نه ڪٽيو جو ڇُري ڪنڌ جي مڻڪي (هڏي) تائين پهچي وڃي جو اها بنا سبب تڪليف آهي، پوءِ جيستائين جانور مڪمل طور تي ٿڌو نه ٿي وڃي، نه ان جا پير ڪٽيو نه کل لاهيو، ذبح ڪرڻ کان پوءِ جيستائين روح نه نڪري وڃي ڇري بلڪل به جسم سان نه لڳايو، ڪجهه ماڻهو

ڳئون کي جلد ”ٿڌو“ ڪرڻ لاءِ ذبح ڪان پوءِ ڪنڌ جي کل لاهي ڇري هٽي ڪري دل جون رڳون ڪٽيندا آهن، اهڙي طرح ٻڪر کي ذبح ڪرڻ کان فورًا بعد ڪنڌ پيجي ڇڏيندا آهن، بي زبانن تي اهڙي طرح ظلم نه ڪيو وڃي، جنهن ڪان ٿي سگهي ان جي لاءِ ضروري آهي ته جانور کي بنا سبب تڪليف پهچائڻ واري کي روڪي، جيڪڏهن قدرت هئڻ جي باوجود نه روڪيندو ته پاڻ به گنهگار ۽ جهنم جو حقدار آهي.

ياد رکو: جانورن تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان وڌيڪ برو آهي، ڇو ته الله پاڪ جي سواءِ جانورن جو ڪو مددگار نه آهي.(ملخص ازبهارشريعت،3/660)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ياد رکو! جهڙي طرح قرباني جي جانورن کي تڪليف ڏيڻ منع آهي اهڙي طرح بين جانورن ۽ حيوانات کي مارڻ، قيد ڪري بڪايل اڄايل رکڻ، انهن جون ضرورتون پوريون نه ڪرڻ، انهن کان طاقت کان وڌيڪ ڪم وٺڻ، انهن کي ڏنڊن ۽ پٿرن سان ماري زخمي ڪرڻ يا انهن کي ساڙڻ به تمام وڏو ظلم ۽ ناجائز ۽ حرام ڪم آهي- ياد رکو! اسان ته انسان آهيون جيڪڏهن دنيا ۾ ڪنهن طاقتور جانور به ڪنهن ڪمزور کي ماريو هوندو يا زخمي ڪيو هوندو ته بروزِ قيامت ان کان به بدلو ورتو ويندو جيئن ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشاد پاڪ آهي: قيامت جي ڏينهن سڀني جانورن کي آندو ويندو جڏهن ماڻهو بيٺل هوندا، پوءِ انهن وچ ۾ فيصلو ڪيو ويندو، ايستائين جو سڱن واري ٻڪري کان بغير سڱن واري ٻڪري جي لاءِ بدلو ورتو ويندو ۽ ماڪوڙي(ڪيول) کان ماڪوڙي جو بدلو ورتو ويندو، پوءِ سڀني کي چيو ويندو: مٽي ٿي وڃو- (موسوعة لابن ابي الدنيا،كتاب الاهوال،ذكر الحساب...الخ، حديث:٢٢٤، ٦/ ٢٣١)

غور ڪريو ته جڏهن بروزِ قيامت هڪ جانور کا ٻي جانور جو بدلو ورتو ويندو ته پوءِ جيڪڏهن ڪو انسان ڪنهن جانور تي ظلم ڪري، ان کي مارڪٽ ڪري، بُکايل اُڄايل رکي ته اهو ڪيتري قدر عذاب جو حقدار ٿيندو- جيڪي ماڻهو جانورن تي ظلم ڪن ٿا، رڳو تفريح (Enjoyment) جي لاءِ ڊوڙائيندا وتن، ويٺل جانور کي تنگ ڪري اٿارين ٿا، وڪڻڻ جي لاءِ جانورن جا ڏند ڪڍن ٿا، هر هر زور سان لگام ڇڪڻ جي ڪري جانورن جي وات ۾ زخم ڪن ٿا ۽ جانورن کي پاڻ ۾ وڙهائي زخمي ڪن ٿا انهن کي ڊڄڻ

گهرجي تہ بروزِ قيامت جيڪڏهن بدلو ورتو ويو ۽ ان ظُلم جي سبب جنت ۾ وڃڻ کان روڪيو ويو تہ ان وقت ڇا ڪنداسين؟ تنهنڪري پاڻ بہ جانورن تي ظلم ڪرڻ کان بچو ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي ظلم ڪندي ڏسو تہ ان کي آخرت جي عذاب کان ڊيڄاريندي روڪڻ جي ڪوشش ڪريو ڇوتہ اسان جي بزرگان دين جي اڳيان ڪنهن جانور تي ظلم ٿيندو هو تہ هڪدم ان کي روڪي ڇڏيندا هئا، جيئن تہ

## ذبح جي لاءِ تنگ نہ ڇڪيو!

هڪ ڀيري اميرُالمُومِنِين، حضرت سيدنا فاروق اعظم رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ شخص کي ڏنائون جيڪو ٻڪري کي ذبح ڪرڻ لاءِ ان کي تنگ کان پڪڙي ڪري گهلي رهيو هو، پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ ارشاد فرمايو: تنهنجي لاءِ خرابي ٿئي، ان کي موت ڏانهن سٺي انداز سان وٺي وڃ. (مُصَنَّف عَبْد الرَّزّاق،باب سنة الذبح،۴/ ۳۷٦،حديث: ٨٦٣٦)

## جانور کي ٻَڌي نشانو بڻائڻ

اهڙي طرح حضرتِ سَيدُناعَبدُاللّٰه بن عمررَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُما قريش جي ٻارن وٽان گذريا، اهي هڪ پکي کي ٻڌي ان تي پٿرن سان نشاني بازي ڪري رهيا هئا- جڏهن انهن پاڻ کي ايندي ڏٺائون تہ ڀڄي ويا- پاڻرَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ معلوم ڪيائون: اهو ڪنهن ڪيو آهي؟ رسولِ اَڪرمصَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اهڙي نموني (جانورن جو مُثلو ڪرڻ واري) تي لعنت فرمائي آهي-

(بخاري،ڪتاب الذبائح والصيد،باب ما يكره من المثلة... الخ ،٣ / ٥٦٣،حديث : ٥٥١٥ )

حڪيم الامت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ فرمائن ٿا: مثلہ جي لغوي معني آهي سخت سزا. اصطلاح ۾ مئل جا هٿ پير، اک نڪ وغيره ڪٽڻ کي مثلہ چئبو آهي.(مرآة المناجيح،267/5 بتصرف)

## جانورن کي ساڙڻ

حضرتِ سَيدُنا عبداللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: اسان حضور رحمتِ عالمصَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هڪ سفر ۾ هئاسين، پاڻ صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ قضاءِ حاجت جي لاءِ تشريف کڻي ويا تہ اسان هڪ جهرڪي (Sparrow) ڏٺي جنهن جا ٻہ ٻچا هئا، اسان انهن کي پڪڙي ورتو- جهرڪي آئي ۽ پر ڦرڪائڻ لڳي- سرڪار مدينہصَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿيا ۽ پڇيائون: ان کي ان جي ٻچن جي معاملي ۾ ڪنهن تڪليف پهچائي آهي؟ ان جا ٻچا موٽائي ڏيو- پوءِ پاڻ صَلَّی

اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ماڪوڙين(ڪيولين) جو هڪ ڀر ڏٺائون: جنهن کي اسان ساڙيو هو، ته فرمايائون: ان کي ڪنهن ساڙيو آهي؟ اسان عرض ڪيو: اسان- رسول اڪرم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: باھ جي مالڪ يعني الله پاڪ جي علاوه ڪنهن جي لاءِ باھ جي ذريعي تڪليف ڏيڻ جائز ناهي-
(ابو داؤد، ڪتاب الجهاد،باب في كراهية حرق العدوبالنار، ۷۵/۳ ،حديث: ۲٦۷۵)

## پکين ۽ جانورن کي مارڻ کيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنهنجي بُزرگن جي سيرت تي هلندي جانورن کي ظالمن جي ظلم کان نجات ڏيارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ڪنهن کي ظلم ڪندي ڏسون ته استطاعت مطابق اهڙن ماڻهن کي ظلم کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي- اڄڪلھ ڏٺو ويندو آهي ته گلي محلي ۾ بار ۽ ڪيئي نوجوان ٻلي، ڪتي، گڏھ ۽ ٻين جانورن کي بلاوجھ ماري رهيا هوندا آهن بلڪ بعض علائقن ۾ جهرڪي، ڪبوتر، طوطا ۽ ٻي ننڍي ننڍي مخلوق کي پڪڙي قيد ڪيو ويندو آهي، يا انهن کي ٻڌي خوب کيل تماشو ڪيو ويندو آهي، والدين کي گهرجي ته پنهنجي اولاد کي اهڙا ڪم ڪرڻ کان منع ڪن ڇوته حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جانورن کي قتل ڪرڻ جي لاءِ قيد ڪرڻ کان منع فرمايو آهي- (مسلم،ڪتاب الصيد،باب النهي عن...الخ ، حديث:۵۰۵۷، ص۸۳۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني دورو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دلين کي نرم ڪرڻ ۽ نيڪ ماڻهن جي سيرت اپنائڻ، جانورن تي رحم ڪرڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو- 12 مدني ڪمن مان هڪ هفتيوار مدني ڪم ”مدني دوره“ به آهي. ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ته اهڙو اَهمّ فَريضو آهي جو سيني ئي اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰة وَالسَّلَام بلڪ خُود سيدُالانبياء، محبوب ڪبريا صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي به انهيءَ مَقصَد جي لاءِ دُنيا ۾ موڪليو ويو، انهن مُقَدَّس هستين ڪوڙ مُشڪلاتون ۽ تڪليفون برداشت ڪيون پر نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ جي هن عظيم فريضي کي بخُوبي

سَرانجام ڏنائون- ❖ ”مدني دوره“ جي بَرَڪت سان ڪيئي ماڻهن جي زندگين ۾ مَدَني انقلاب اچي ويندو آهي- ❖ ”مدني دوري“ جي برڪت سان مسجد ۾ نمازين جو تعداد وڌي ويندو آهي- ❖ ”مدني دورو“مُعاشري جي بگڙيل افراد کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. ❖ ”مدني دوره“ جي برڪت سان اسلامي ڀائر فرضن سان گڏوگڏ صلوٰة و سُنَّت تي عمل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن- لهٰذا اسان کي بہ وَقت ڪڍي هن عظيم مدني ڪم ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺڻ گهرجي-

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مرڪزي مجلس شوريٰ جي طرف کان 12 مدني ڪمن مان هن هفتہ وار مدني ڪم جو رسالو بنام”مدني دوره“ بہ مڪتبة المدينہ کان شايع ٿي چڪو آهي، مدني دوري جي باري ۾ وڏيڪ اهم تنظيمي معلومات ڄاڻڻ جي لاءِ هن رسالي جو مطالعو ڪيو. اچو! ترغيب طور مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا- جيئن

## مسجد ڏانهن هلڻ لڳو

باب الاسلام سنڌ جي شهر ٽنڊو آدم ۾ ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول جو هڪ مَدَني قافلو پهتو- نمازِ عصر کان بعد گونگا ٻوڙا اسلامي ڀائر عمومي اسلامي ڀائرن سان گڏ مدني دوري جي لاءِ ويا ۽ مسجد جي ويجهو هڪ ميدان ۾ ڪرڪٽ (Cricket) ڪيڏندڙ نوجوانن وٽ پهتا- پوءِ هڪ عمومي اسلامي ڀاءِ ٻڌايو تہ اسان سان گڏ قوتِ سماعت وگويائي کان محروم اسلامي ڀائر بہ آهن، اهي اوهان کي اشارن جي زبان ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪندا- گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن اشارن جي زبان ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ۽ انهن کي مسجد ۾ پاڻ سان گڏ هلڻ جي دعوت پيش ڪئي- ان کان بعد عمومي اسلامي ڀاءُ بہ ترغيب ڏياري: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”مدني دوري“۾ نيڪي جي دعوت ٻڌي اهي ڪرڪٽ ڪيڏندڙ نوجوان ڪنڌ جهڪائي مبلغ سان گڏ مسجد ڏانهن هلي پيا ۽ اهڙي طرح ”مدني دوري“ جي برڪت سان نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿي ويو-

جسے نیکی کی دعوت دوں اسے دیدے ہدایت تو
زباں میں دے اثر کردے عطا زورِ قلم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جانورن تي رحم ڪرڻ جا فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ضرورت جي پيشِ نظر توڙي جو جانور پالڻ منع نہ آهي، پر انهن جي چاري پاڻي جو خيال رکڻ، سيءَ ۽ گرمي ۾ انهن جي سار سنڀار لهڻ نهايت اهم معاملو آهي، اڪثر ماڻهو هن ڳالهہ جو خيال ناهن رکندا، بس پنهنجو شوق پورو ڪندا آهن ۽ انهن بي زبان جانورن کي بلا وجہ تڪليف پهچائيندا رهندا آهن- اهڙي معاشري ۾ اهڙا بہ رحم دل ماڻهو موجود آهن جيڪي انهن بي زبان جانورن تي رحم ڪن ٿا، بڪايل اڃايل پکي پکڻ کي داڻو پاڻي ڏين ٿا- اهڙي طرح جانورن سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچڻ نهايت وڏي نيڪي آهي جيڪا اسان جي بخشش ۽ مغفرت جو سبب بڻجي سگهي ٿي- اچو! هن باري ۾ بہ واقعا پڙهو، جيئن

## ڪتي کي پاڻي پيئارڻ وارو

منقول آهي تہ واٽ هلندي هڪ شخص تي اُڃ جو غلبو ٿيو تہ ان کي هڪ کوهہ مليو ان کوهہ ۾ لهي پاڻي پيءِ ورتو پوءِ جڏهن هو کوهہ مان نڪتو تہ اوچتو هي ڏٺائين تہ هڪ ڪتو زبان ڪڍي آلي مٽي چٽي رهيو آهي تہ ان ماڻهو دل ۾ اهو سوچيائين تہ جهڙي اڃ مون کي لڳي هئي اهڙي ئي اڃ هن ڪتي کي بہ لڳي آهي تہ هو کوهہ ۾ لهي پنهنجي جوراب ۾ پاڻي ڀري آيو ۽ ڪتي کي پيئاريائين تہ ان جو اهو عمل ربِ ڪريم کي پسند اچي ويو ۽ ان جي بخشش و مغفرت ڪري جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏيو- اهو ٻڌي صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيائون: يا رَسُولَ الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اسان جي لاءِ چوپاين سان احسان ڪرڻ ۾ ثواب آهي؟ ارشاد فرمايائون: ها! هر جاندار سان احسان(ڀلائي) ڪرڻ ۾ ثواب آهي- (بخاري، ڪتاب المظالم،باب الآبار علي الطرق ...الخ،٢/١٣٣،حديث:٢٤٦٦)

شيخ الحديث حضرت علامہ عبد المصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ الله پاڪ فاعلِ مختار آهي هو چاهي تہ هڪ نهايت ئي ادنيٰ نيڪ عمل ڪرڻ واري کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان بخشي ڇڏي، ان جي دربار ۾ عمل جي وزن ۽ مقدار (Quantity) کي ناهي ڏٺو ويندو

بلڪ ان جي بارگاھ ۾ خلوصِ نيت ۽ اخلاصِ عمل جو قدر آهي، نهايت ئي معمولي عمل جيڪڏهن انسان اِخلاص ۽ نيڪ نيتي سان ڪري ته هو ربِّ ڪريم ان عمل جي ثواب ۾ بانهي کي پنهنجي رضوان و غُفران (يعني رضا ۽ مغفرت) جي نعمتن سان سرفراز فرمائي ان کي جنَّتُ الفردوس جو رهائشي بڻائي ڇڏيندو آهي- ڪنهن چا ته خوب چيو: يعني خدا جي رحمت بانهن کي بخشڻ جو بهانو ڳولهيندي آهي، خدا جي رحمت بانهن کان مغفرت جي قيمت طلب ناهي ڪندي- (منتخب حديثين،ص۱۴۲)

بَخش دے میری ساری خَطائیں     کھول دے مجھ پر اپنی عَطائیں

بَرسا دے رَحمت کی بَرکھا     یاالله مری جھولی بھر دے!

## مک تي رحم ڪرڻ مغفرت جو سبب بڻجي ويو

ڪنهن خواب ۾ حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي ڏسي پڇا ڪيائون: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله پاڪ مون کي بخشي ڇڏيو، پڇيائين ته مغفرت جو سبب ڇا ٿيو؟ فرمايائون: هڪ مک منهنجي قلم تي مس (INK) پيئڻ جي لاءِ ويني ته مان لکڻ کان رڪجي ويس ايستائين جو اها فارغ ٿي اُڏامي وئي.
(لطائفُ الْمِنَن وَالْاَخلاق،ص۳۰۵)

## مک کي مارڻ ڪيئن؟

شيخِ طريقت، اميرِاهلسنت ابو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”ابلق گهوڙي سوار“ ۾ فرمائن ٿا: ياد رهي! مکيون تنگ ڪن ته انهن کي مارڻ جائز آهي پوءِ به جيڪڏهن فائدو حاصل ڪرڻ يا نقصان پري ڪرڻ جي لاءِ مک يا ڪنهن به بي زبان کي مارڻو پوي ته ان کي آسان کان آسان طريقي تي ماريو وڃي خوامخواه ان کي هر زنده چيپاٽڻ يا هڪ وار ۾ ماري سگهو ٿا پوءِ به زخمي ڪري بلا ضرورت ڏڪ هڻڻ يا ان جي بدن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ان کي تڙپائڻ وغيره کان پاسو ڪيو وڃي، اڪثر نادان ٻار ڪِولِن وغيره کي چيپاٽيندا رهندا آهن انهن کي ان کان روڪيو وڃي، ڪول ڪمزور هوندي آهي چپٽي ۾ ڪٽڻ يا هٿ يا ٻهاري سان هڻڻ سان عموماً زخمي ٿي ويندي آهي، موقعي مناسبت سان ان کي ڦوڪ ڏيڻ کان به ڪم هلائي سگهجي ٿو. (ابلق گهوڙي سوار،ص۲۱ملخصا)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي بزرگ سڳورن جتي هر معاملي ۾ اسان جي رهنمائي فرمائي اتي جانورن تي شفقت ڪرڻ جي حوالي سان بہ اسان کي ذهن ڏنو، جانورن جا بنيادي حق ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ۽ انهن تي انهن جي طاقت کان وڌيڪ بوجهہ وجهڻ کان منع ڪيائون- اچو! جانورن تي شفقت ڪرڻ جي معاملي ۾ الله پاڪ جي هڪ ولي جو اندازِ شفقت پڙهون ٿا. جيئن

## مڇر تِڏِ ۽ ٻلي تي شفقت

حضرت سيدنا احمد ڪبير رفاعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي جسم تي جيڪڏهن مڇر ويهندو هو تہ ان کي نہ پاڻ اڏائيندا هئا نہ ٻين کي اڏائڻ ڏيندا هئا بلڪ فرمائيندا هئا: الله پاڪ جيڪو رت (Blood) ان جي حصي ۾ لکيو آهي اهو ئي پي رهيو آهي ۽ جڏهن پاڻ اُس ۾ هلي رهيا هوندا ۽ ڪا تِڏ سندن ڪپڙن ۾ چانو واري هنڌ تي ويهي رهندي هئي تہ جيستائين اڏامي نہ وڃي پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ انهيءَ هنڌ بيٺل رهندا ۽ فرمائيندا هئا: هن اسان کان ڇانو حاصل ڪئي آهي- اهڙي طرح جڏهن آستين تي ٻلي سمهي پوندي ۽ نماز جو وقت ٿي ويندو تہ آستين کي ڪٽي ڇڏيندا هئا پر ٻلي کي نہ جاڳائيندا هئا، ۽ نماز کان فَراغت کان بعد آستين ٻيهر سبي ڇڏيندا هئا- (فيضان سيد احمد ڪبير رفاعي ، ص ١٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پڙهو اوهان تہ حضرت سيدُنا احمد ڪبير رفاعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مڇر مک ۽ تڏ جهڙن معمولي جانورن خاطِر پاڻ تڪليف برداشت ڪندا هئا پر انهن کي اُذائڻ پسند نہ هو- تنهنڪري اسان کي بہ انهن جي سيرت تي عمل ڪندي جانورن جو خيال رکڻ گهرجي ۽ انهن تي ڪنهن بہ طرح جو ظلم نہ ڪرڻ گهرجي-

خلق کے داد رَس سب کے فریاد رس — کہف روز مصیبت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سيدي قُطبِ مدينہ جي سيرت جون ڪجهہ جهلڪيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجَّةِ الحَرام نهايت ئي برڪت وارو مهينو آهي،

هن مهيني ۾ ڪوڙ بُزرگانِ دِين رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡهِمۡ اَجۡمَعِین جو عرس ملهايو ويندو آهي، انهن نيڪ سيرت ماڻهن مان هڪ نهايت ئي معزز شخصيت، افتاب رضويت، پيرِطريقت، رهبرِشريعت،خليفه اعليٰ حضرت قُطبِ مدينه حضرت علّامه مَولانا ضياءالدّين احمد مَدَني قادري رضوي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جو عُرس شريف ملهايو ويندو آهي- اچو!برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندن مُبارَڪ سيرت جون ڪجھ جهلڪيون ملاحظ ڪيون ٿا- جيئن

## نالو، نسب ۽ تاريخ پيدائش!

حُضُور سَيدي قطبِ مدينه رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جو نالو ضِياءُالدين احمد آهي، پاڻ فرمائن ٿا ته منهنجو پيدائشي نالو "**احمد مختار**" آهي، منهنجي ڏاڏي حضرت شيخ قُطبُ الدين قادري رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه بعد ۾ منهنجو نالو ''**ضِياءُ الدّين**'' رکيو هو، پاڻ سومر جي ڏينهن ربيعُ الاوّل1294ھ ۾ بمقام قصبه ڪلاسِ والا،ضلعي سيالڪوٽ (ضياءڪوٽ) ۾ پيدا ٿيا- (سيدي ضياء الدين احمدالقادري، ١٦٣/١،ملتقطاً)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرت قُطبِ مدينه حضرت علّامه مَولانا ضياءالدّين احمد مَدَني قادري رضوي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه اميراهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جا مرشد آهن، لکين ڪروڙين دعوت اسلامي وارا ان سان محبت ۽ عقيدت رکن ٿا، ان جي ولادت جي مڪانِ عاليشان کي خريدي دعوت اسلامي مسجد ۽ مدرسة المدينه ۾ تبدِيل ڪري ڇڏيو آهي

پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه اِبتِدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي سائين وٽان حاصِل ڪئي، پوءِ ضِياء ڪوٽ (سيالڪوٽ) جي مشهور عالِم و عارِف حَضرت علّامه مَولانا محمد حُسَين نقشبندي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه وٽ پڙهيا، پوءِ مشهور محدّث ۽ عالِمِ دين حضرتِ علّامه وصي احمد مُحَدّث سُورتي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي درس ۾ شامل ٿي ويا ۽ تقريباً چار (4) سالن تائين انهن وٽان تعليم حاصِل ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو- (سيدي ضياء الدين احمد القادري، ١/ ١٦٧ملخصا)

## اخلاق ۽ عادتون!

سيدي قطبِ مدينه رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه نهايت ئي پسنديده اَوصاف ۽ اَخلاق سان مُتَّصف هئا، هميشه يادِ خُدا ۾ مصروف رهندا هئا، شب بيدار ۽ تهجُّد گذار بُزرگ هئا، اِشراق، چاشت ۽ اوّابين جون نمازون ادا ڪرڻ سندن مَعمُول هو، ڪمزوري ۽ پوڙهاپ جي باوجود ايامِ بِيض (هر مدني مهيني چنڊ جي

15،14،13تاريخ) جا روزا نہ ڇڏندا هئا- (سيدي ضياءالدين احمد القادري،٣٨٦/١،بتغير)

## وصالِ پُرملال ۽ تدفين

4 ذُوالحِجَّةِ الحَرام 1401 ھ بمطابق 81-10-2 بروزِ جمعہ مسجدِنبوي شريف جي مؤذن ”اَللّٰہ اَکبر اللّٰہ اکبر“ چيو ۽ سيدي قطبِ مدينہ کلمو شريف پڙھيو ۽ سندن رُوح قفسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو-غُسل شريف ڪان بعد ڪفن وچائي پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قبرِ انور جو غسّالو شريف ۽ مُختلِف تبرڪات رکيا ويا پوءِ ڪفن شريف بند ڪيو ويو- بعدِ نمازِ عصر دُرُود وسلام ۽ قصيده برده شريف جي گونج ۾ جنازو مُبارَڪ کنيو ويو- سندن ارزو مطابق جنّت البقيع ۾ اهلبيتِ اطهار عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي قرب ۾ متي ماءُ حوالي ڪيو ويو-
(سيدي قطبِ مدينه،ص١٧)

مجھ کو دیدو بقیعِ غَرقَد میں اپنے قدموں میں جا ضِیاءُ الدّین
مُصطفٰے کا پڑوس جنّت میں مجھ کو حق سے دلا ضِیاءُ الدّین

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس ”آئي ٽي“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي ماڻهن جي دلين ۾ عشق مصطفي ۽ محبت اولياء اجاگر ڪرڻ ۽ سڄي دُنيا ۾ اِسلام جي دعوت پهچائڻ جي لاءِ 104 کان وڌيڪ شُعبن ۾ دِينِ اسلام جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شُعبو بنام”مجلسِ آئي ٽي“ بہ آهي جنهن جو ڪم انفارميشن ٽيڪنالوجي جي ذريعي سڄي دُنيا جي ماڻهن کي اِسلام جا بهترين مدني گل پيش ڪرڻ آهي، ”مجلسِ آئي ٽي“ جي نِمايان ڪمن مان اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي فتاويٰ رضويہ شريف ۽ شهره آفاق ترجمہ قرآن ڪنزالايمان کي سافٽ وئير جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ بہ آهي جيڪو ساراهہ لائق آهي، مجلسِ توقيت جي تعاون سان هڪ اهڙو سافٽ وئير بہ متعارف ڪرايو آهي جيڪو ڪمپيوٽر ۽ موبائل وغيره تي نمازن جي دُرست اوقات جي نشاندهي ۾ وڌو فائديمند آهي المدينہ لائبريري سوفٽ ويئر جي ذريعي ڪثير ڪتابن جو آساني سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو- اَلْحَمْدُ لِلّٰه

عَزَّوَجَلَّ! مجلسِ ائي ٽي جي تيار ڪيل اهي تمام سافٽ وئيرز مڪتبةُ المدينہ تان حاصِل ڪري سگهجن ٿا-

هاڻي تائين ڪم و پيش 26 مختلف اپلیکیشنز(Applications) اچي چڪيون آهن الله پاڪ اسان کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي دينِ متين جي خوب خدمت ڪرڻ، نيڪي جي ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ، مدني انعامات تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ترغيب ڏيارڻ جي توفيقِ عطا فرمائي-

اٰمِين بِجَاه النَّبِي الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں      اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو تہ

- قرباني جا جانور بروزِ قيامت سواري جي ڪم ايندا-
- قرباني جي جانور جي هر وار جي بدلي هڪ نيڪي عطا ڪئي ويندي آهي-
- قرباني ڪرڻ سان گناهہ معاف ٿيندا ۽ درجات بلند ٿيندا آهن-
- بروزِ قيامت جانورن تي ڪيل ظلم جو حساب ڏيڻو پوندو-
- جانورن تي رحم ڪرڻ بخشش ۽ مغفرت جو سبب ٿيندو آهي-
- جانورن تي ظلم ڪرڻ الله پاڪ جي ناراضي جو سبب آهي-
- جانورن تي رحم ڪرڻ بُزرگانِ دين جو طريقو رهيو آهي-

الله پاڪ اسان کي جانورن سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي، انهن سان ڀلائي ڪرڻ ۽ انهن کي تڪليفون ڏيڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي-اٰمِين بِجَاه النَّبِي الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت،

ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعَادَت حاصِل ڪيان ٿو- تاجدارِرسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪَئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا　　　جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قرباني جون سُنتون ۽ آداب

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: انسان عيدالاَضحيٰ جي ڏينهن ڪا اهڙي نيڪي نَاهي ڪندو جيڪا الله پاڪ کي رت وهائڻ کان وڌيڪ پياري هجي، اها قرباني قِيامت ۾ پنهنجي سڱن، وارن ۽ کُرن سان ايندي ۽ قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ الله وٽ قبول ٿي ويندي آهي- تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪريو- (تِرمِذي،٣/١٦٢،حديث: ١٤٩٨) ❖ قرباني جي جانور کي ڪيرائڻ کان اڳ ۾ ئي قبلي جي طرف جو تَعَيُّن ڪري ڇڏجي، ليٽائڻ کان پوءِ بالخصوص پٿريلي زمين تي گهلي ڪري قبلي رخ ڪرڻ بي زبان جانور جي لاءِ سخت تڪليف جو سبب آهي. ❖ ذَبح ڪرڻ ۾ ايترو نہ ڪٽيو جو ڇُري ڪنڌ جي مٽڪي (هڏي) تائين پهچي وڃي تہ اها بنا سبب تڪليف آهي. ❖ جيستائين جانور مڪمل طور تي ٿڌو نہ ٿي وڃي، نہ ان جا پير ڪٽيو نہ کل لاهيو، ذبح ڪرڻ کان پوءِ جيستائين روح نہ نڪري وڃي ڇري بلڪل بہ جسم سان نہ لڳايو، ڪي ماڻهو جلد "ٿڌو" ڪرڻ لاءِ ذبح کان پوءِ تڙپندڙ ڳئون جي ڪنڌ جي کل لاهي ڇري هٽي ڪري دل جون رڳون ڪٽيندا آهن، اهڙي طرح ٻڪر کي ذبح ڪرڻ کان فورًا بعد ڪنڌ پيچي ڇڏيندا آهن، بي زبانن تي اهڙي طرح ظلم نہ ڪيو وڃي. ❖ جنهن کان ٿي سگهي ان جي لاءِ ضروري آهي تہ جانور کي بنا سبب تڪليف پهچائڻ واري کي روڪي، جيڪڏهن قدرت هئڻ جي باوجود نہ روڪيندو تہ پاڻ بہ گنهگار ۽ جهنم جو حقدار آهي. دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد 3 صفحي 660 تي آهي: "جانور تي ظلم ڪرڻ ذمي ڪافر تي (هاڻي دنيا ۾ سب ڪافر حربي آهن) ظلم ڪرڻ کان برو آهي ۽ ذمي تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان بہ برو آهي ڇو تہ جانور جو ڪو مددگار ۽ والي واهر الله پاڪ کان سواءِ ناهي هن غريب کي ان ظلم کان ڪير بچائي! (دُرِّمُختارو رَدُّ الْمُحتار،٩/٦٦٢) ❖ قرباني ڪرڻ کان ڪجھ ڪلاڪ پهريان جانورن کي بکايل اڃايل

رکيو ويندو آهي جنهن سان انهن کي سخت تڪليف پهچندي آهي-حضرت علامہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: قرباني ڪان پهريان ان کي چارو پاڻي ڏي، يعني بُکايل اڃايل رکي ذبح نہ ڪيو ۽ هڪ جي سامهون ٻي کي ذبح نہ ڪيو ۽ پهريان ڪان ڇري تيز ڪري ونو ائين نہ ٿئي جو جانور کي ليٽائڻ ڪان پوءِ ان جي سامهون ڇري تيز ڪئي وڃي- (بهارشريعت،۳۵۲/۳) ❖ قرباني ڪرڻ جي حوالي سان وڌيڪ معلومات حاصل جي لاءِ شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "ابلق گهوڙي سوار" جو مطالعو ڪريو-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتين ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتہ وار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

منا منا اسلامي ڀائرو! ايندڙ هفتہ وار اجتماع جي بيان جو موضوع بہ گهڻو اهم آهي، جنهن ۾ اسان "والد سان سنو سلوڪ (ورثاءُ) "ڪرڻ جي باري ۾ ٻڌنداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن باري ۾ قرآني آيتون ۽ انهن جي تفسير بہ ٻڌنداسين، ڪيئي حديثن ۾ بہ والد سان سنو سلوڪ ڪرڻ جون ترغيبون موجود آهن، انهن کي بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، والد ڪان سنو سلوڪ ڪرڻ سان هڪ پٽ کي ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿيون، اهو واقعو بہ ٻڌنداسين، والد سان برو سلوڪ ڪرڻ وارن جا ڪجهہ عبرتناڪ واقعا بہ بيان ڪيا ويندا، اولاد جي درست تربيت نہ ڪئي وڃي تہ ان جا ڪهڙا ڪهڙا نقصان سامهون ايندا آهن، اهي بہ ٻڌنداسين. ابو عطار يعني امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليہ جي والدِ محترم حاجي عبد الرّحمٰن قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ڏينهن بہ ويجهو آهي، تنهنڪري سندن سيرت جون ڪجهہ جهلڪيون بہ اسان ٻڌنداسين.

ايندڙ جمعرات بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪيو، نہ صرف اچڻ جي بلڪ انفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ آڻڻ جي ڪوشش ڪيو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرت سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.4

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

4... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (1)

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305